# Char Musafir چار مسافر



هيلارام واسواڻي

Stories for kids

info@SindhiSangat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| چار مسافر | (2) |
| غلط فهمي | (22) |
| اشنان دان | (28) |
| چالاڪ مزور | (33) |
| ڇهر ٻهر | (37) |
| وڏو حصو وٺ | (38) |
| هنداڻي جو ملهه | (39) |

# چار مسافر

سياري جا ڏينهن هئا. انهيءَ ڪري سج
جلديءَ ٿي لڪي ويو. اسانجي منزل اڃا گهڻو
دور هئي. ليڪن ڏٺيءَ جو شڪر آهي، جو
ڏينهن لهڻ کان اڳيئي اسين هڪڙي مسافرخاني
وٽ اچي پهتاسين. سامهون چا ڏسون تہ هڪ
پڊي ماڻي ويٺي آهي. اسان ڪيس نياز ڪيو.
هن مسافر جاڻي آجيان ڪئي. اسين خوش
ٿياسون. مائيءَ ڪاڏو رڌي اسان کي کارايو. ان
کان پوءِ اسين سڀ باهہ جي چوڌاري ويهي رهياسين.
مائي بہ باسڻ ڌوئي اچي ويٺي ۽ چيائين "ماٺ
ڪري ويهڻ مان ڪهڙو فائدو، چونہ واري واريءَ سان
سڀڪو آکاڻي ٻڌائي." شروع، مان ئي ٿي
ڪريان.

## ( ٻڍيءَ جي آکاڻي )

### منهنجو خزانو.

ٿورن ڏينهن جي ڳالهه آهي. هڪڙي ڏينهن صفائي ڪرڻ لئي مرضي ٿيم. صبوح جو سويل ئي پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ صفائي ڪرڻ لڳيس.

اچا ڪاٺيون مٿي ڪنيم ته ان جي هيٺان هڪڙو مروٽيل ڪاغذ ڏٺم. غور سان ڏٺم ته اهو ڏهين روپئي جو نوٽ هو. منهنجون ته اکيون کليل جون کليل رهجي ويون. ليڪن منهنجي حيرانيءَ ۾ خوشي به شامل هئي. ڪيترو وقت سوچيندي رهيس ته هاڻي ڇا ڪجي. آخر اهو فيصلو ڪيم ته پهرياءَ پاريسڙين کي اطلاع ڏيان.

بس اهو خيال آيو ته نوٽ ميز تي رکي انهي مٿان چادر ڍڪائي گهر کان ٻاهر نڪتيس.

پهرياءَ ته کوهه لئي آيس جتي ڳوٺ جون زالون پاڻي ڀري رهيون هيون. مون چيو "مونکي هڪڙو خزانو هٿ آيو آهي ڪيتري نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي. آهي نه؟"

سيني يڪي آواز چيو "ڳالهه ته خوشيءَ جي

آهي. ليڪن لوڪي اِهو سنڀالي رکڻ گهرجي. اڄڪلهہ چورچڪار جو خطرو ته هروقت آهي، پر ڏيکار ته ڪٿي آهي اُهو حزانو؟"

مون چيو "اڙي اهو ته مان پنهنجي ميز لي رکي آئي آهيان."

زالن چيو "ڪهڙي نہ لون بيوقوف آهين. اهڙيون شيون بہ ڪو هن طرح رکندو آهي. هل، اسان سان گڏجي دڪان لي هل. اسين لوڪي هڪڙو سٺو ٿيلهو ڏيکاريندي سين. اُهو خريد ڪري انہ اهي رپيہ رکج."

مان دڪان لي پهتيس. مونکي چمڙي جو هڪڙو ٿيلهو ڏيکاريو ويو. مون سوچيو "برابر هيءَ ڪم جي شيءَ آهي. منهنجي دولت بہ حفاظت سان رهندي. مان اُهو ضرور خريد ڪنديس."

دڪاندار چيو "ليڪن اَما، هڪڙي ڳالهہ آهي جيڪڏهن خدا نہ ڪري، چور اچي وڃي تہ اُهو ٿيلهو بلڪل آسانيءَ سان هو کڻي ويندو. هيئن ڪر، هڪڙي پيٽي بہ خريد ڪر. ان ۾ ٿيلهو بند ڪري ڇڏجہ. پيٽي ٿيندي آهي ڳؤري. اُها

چور سولائيءَ سان ڪڍي به نہ سگهندو."

دڪاندار مونکي هڪڙي پيتي ڏيکاري ۽ چيائين "هي ڏس ڪهڙي نہ مضبوط آهي."

مان پيتي ڏسي گهڻو خوش ٿيس "ڪمال خوبصورت آهي سچ پچ. چڱو ڪہ اِها به ونئديس. پوءِ چور هيءَ ڪيئن ڪڍي سگهندو جو مونکان رڙهي نڪي ۽ منهنجا روپيہ محفوظ رهندا.

زالن چيو "مگر اما، اِهو نہ ٻڌاءِ تہ ڪو وٽ ڪلف آهي؟ جيڪڏهن ڪون پنهنجي پيتيءَ کي ڪلف نہ پائيندينءَ تہ چور تنهنجي پيتي کولي ٿيلهو ڪڍي ويندو. اڳو پوءِ هڪڙو سٺو ڪلف بہ خريد ڪري ڇڏ. پوءِ ڪوکي ڪنهن بہ قسم جو خطرو نہ رهندو."

"مون وٽ هڪڙو سٺو ڪلف آهي، جو ڏيکاريانءِ ٿو." ائين چئي دڪاندار اندران هڪڙو چمڪندڙ ڪلف ڪڍي آيو ۽ منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيائين "جيڪڏهن ڪون پنهنجي پيتيءَ ۾ هيءُ ڪلف لڳائيندينءَ تہ تنهنجي دولت کي ڪير بہ هٿ لڳائي نہ سگهندو.

„ڇگهو ته پوءِ اهو به ڏي. هاڻي مونکي تسلي ٿي."

„هل آما" دڪاندار چيو „مان تنهنجون هي شيون توکي گهر پهچائي ڏيان." هن اُها پيتي کنئي ۽ مون ٿيلهو پنهنجي هٿ ۾ لٽڪايو جڏهن دڪاندار گهر ۾ شيون رکيون ته قيمت گهرڻ لڳو.

مون سندس حساب چڪايو ۽ خود سوچڻ لڳس „نوٽ رکنديس ٿيلهي ۾ ۽ ٿيلهو پيتيءَ ۾ ۽ پيتيءَ کي لڳائينديس ڪلف پوءِ ڪهڙو ڪمبخت منهنجي دولت چورائي سگهندو."

اهو سوچي مان نوٽ ڪڍڻ لاءِ اٿيس. ليڪن نوٽ ڳولي ڳولي پاڳل ٿي پيس پر نوٽ جو نشان به نه مليو. اڃا لاءِ مونکي اهو معلوم نه ٿيو آهي ته ان نوٽ جو ڇا ٿيو؟"

هڪڙي مسافر چيو „سچ پچ ڏاڍي حيرانيءَ جي ڳالهه آهي."

„ها، نه هاڻي ٻئي ڪنهن جو وارو آهي آکاڻي ٻڌائڻ جو. مان ته پوري ڪري چڪيس" مائيءَ چيو.

ان کي ڏاڍي طرف وينل مسافر آڪاڻي ٻڌائي:

## اَنجام

هڪڙي بادشاهہ شڪار ڪندي هڪڙي ڪڙميءَ کي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندو ڏٺو تہ گهوڙو ڪَڏي ٻهارياءِ ۽ هنڪان پڇياءِ "تون ڏينهن ۾ ڪيترو ٿو ڪمائين ؟"

ڪڙمي چيو "جهان پناهہ! چار آنہ."

بادشاهہ هن کان وري پڇيو "ليڪن تون اهي چار آنا ڪيئن خرچ ڪندو آهين ؟"

ڪڙميءَ گهڻي ادب سان چيو "حضور پهريون آنو جو مونکي ملي ٿو سو تہ مان کائيندو آهيان. ٻيو آنو مان فائدي جي ڪم تي لڳائيندو آهيان. ٽيون مان قرض ۾ واپس ڏيندو آهيان ۽ چوٿون اجايو ڦٽو ڪندو آهيان."

بادشاهہ هي عجيب جواب ٻڌو ۽ اُلجي ويو. اجا ٿورو اڳتي وڌيو تہ کيس ڪڙميءَ جي جواب جو خيال آيو. هن ڪيتروئي سوچيو ليڪن اهو جواب نہ سمجهي سگهيو. انڪري هُو وري ٻيو دفعو انهيءَ ڪڙميءَ وٽ آيو ۽ چياءِ "ڀائي آخر تنهنجي اُن جواب جو مطلب ڇا آهي. مان تہ

سمجهي نہ سگهيو آهيان انکري ٿون خود سمجهاءِ."

ڪڙميءَ ڏهٽي ادب سان جواب ڏنو "جناب! پهريون آنو تہ مان پاڻ لئي خرچ ڪندو آهيان. ٻيو آنو پنهنجن ٻارن لئي خرچ ڪريان ٿو اُن لاءِ تہ هو ٻڍاپي ۾ منهنجي خدمت ڪن. ٽيون آنو پنهنجي پيءُ لئي خرچ ڪندو آهيان ڇو ان طرح مان سندس اهي روپيہ ادا ڪريان ٿو جي ٻالڪپڻ ۾ هن مون لئي خرچ ڪيا هئا. چوٿون آنو مان پنهنجي زال لئي خرچ ڪريان ٿو سو اهو ڦٽو ڪرڻ جي برابر آهي ڇو تہ هن مان مونکي ڪنهن بہ فائدي جي اُميد نہ آهي."

بادشاه چيو "تون برابر ٿو چوين. ليڪن هينئر تون مون سان انجام ڪر تہ جيستائين تون منهنجو منهن هڪ سؤ دفعا نہ ڏسين تيستائين اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪج."

ڪڙميءَ بادشاه کي انجام ڏنو. بادشاه خوش ٿيندو پنهنجي محل ۾ موٽي آيو.

ٻئي ڏينهن هن پنهنجي اميرن وزيرن جي امتحان وٺڻ جو خيال ڪيو. چياءِ "هڪڙي

پرولي آهي؟ ڏسان ته ڪير ٿو انجو پورو جواب ڏئي. هڪڙو ڪڙمي آهي، اُهو هر روز چار آنه ڪمائي ٿو. ٻهريون آنو ته هوُ پاڻ ٿو کائي. ٻيو هوُ پنهنجي فائدي جي ڪم ۾ ٿو لڳائي. ٽيون واپس ادا ٿو ڪري ۽ چوٿون اُڇلي ٿو ڇڏي انجو ڪهڙو مطلب آهي؟"

ڪير به انهيءَ پروليءَ جو جواب نه ڏيئي سگهيو ۽ سيني بادشاه کان ڪجهه ڏينهن جي مهلت ورتي.

هڪڙي وزير کي ياد آيو ته بادشاه اُن ڏينهن هڪڙي ڪڙميءَ سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. جو ته هن هنڪان وچي پڇجي. اُن لي وزير ان وقت ڪڙميءَ وٽ پهتو ۽ ان سوال جو جواب پڇياڪينس. ڪڙميءَ صاف انڪار ڪيو ۽ ڪيس بادشاه جو شرط ٻڌايو. وزير ان وقت ئي پنهنجي ٿيلهي مان هڪ سؤ اشرفيون ڪڍي هن جي اڳيان رکيون. انهن سيني لي بادشاه جي شڪل هئي.

ڪڙميءَ واري واري سان سيني اشرفين کي غور سان ڏسڻ بعد پرولي سلي. وزير خوش

ٿيندو ۽ بادشاهه کي اچي ان سوال جو مطلب ٻڌايو. بادشاهه هڪدم سمجهي ويو ته هيءَ ڪڙميءَ جي حرڪت آهي. کيس سخت ڏمر آيو. ان وقت ئي ڪڙميءَ کي گهرايائين ۽ کانئس پڇيائين "تو مون سان انجام ڪيو هو ته جيستائين تون منهنجو منهن هڪ سؤ دفعا نه ڏسندين اِها ڳالهه ڪنهن کي به نه ٻڌائيندين."

ڪڙميءَ جواب ڏنو "ليڪن جهان پناهه! توهان جي وزير مونکي توهان جو منهن هڪ سؤ دفعا ڏيکاريو آهي." ائين چئي هن بادشاهه جي اڳيان وزير جي ڏنل ٿيلهي رکي ڇڏي.

بادشاهه اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيترو ئي انعام کيس ورتيڪ انعام به ڏنائين.

"تمام سٺي آکاڻي هئي" ماڻيءَ چيو. هاڻي هن ٻئي مسافر کي آکاڻي ڪڍڻ لاءِ چيو، جو غريب ڪڙمي هو.

هن چيو "جيڪڏهن چئو ته پنهنجو ئي قصو ٻڌايان؟

سڀني چيو "ضرور." هن آکاڻي شروع ڪئي.

## ضدي ڪڙهي.

هڪڙي ڏينهن مان ۽ منهنجي زال ڏينهن جو ڪم ختم ڪري باھ تي ٽڪُ وٺي رهيا هئاسين. اوچتو هوا جي هڪ جهوٽي سان دروازو کلي ويو. هاڻي انهيءَ دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ اسان ٻنهي ۾ جهيڙو ٿيڻ لڳو.

مون پنهنجي زال کي چيو "وڃ، دروازو وڃي بند ڪر."

زال چيو "ڇا ڪنهنجا پير ڀڳا آهن ڇا؟ ڪون خود ڇو نه ٿو وڃي بند ڪرين؟"

مون جواب ڏنو "ڪون نه جهيڙو ٿي ڪرين. چڱو دروازو ڪير به نه بند ڪري. هيئن ٿا ڪريون ته جو اسان ٻنهي ۾ پهرين ڳالهائي سو اُٿي دروازو بند ڪري."

منهنجي زال کي اِها تجويز پسند آئي ۽ اسين ٻئي ماٺ ڪري سمهي پياسين.

اڌ رات جو مون ڪجهه شور ٻڌو. سوَڙِ مان جو منهن ڪڍيم ته معلوم ٿيو ته هڪڙو ڪتو اسانجي گهر ۾ لنگهي آيو آهي ۽ گهرجا سڀ ٻاسڻ سنگهي رهيو آهي ۽ گيهه ۽ ڪنڊ چٽ ڪري،

رهيو آهي. ليڪن اسين ٻئي مات ڪري ويٺا رهياسين ۽ ڪتو مزي سان سڀ ڪجهه کائي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو منهنجي زال ڪڏڪ پيهڻ لاءِ پاڙيسري‌ءَ جي گهر ويئي. هن جي هلي وڃڻ کان پوءِ ڳوٺ جو حجام آيو ۽ چيائين "اڄ تون هتي اڪيلو ڇو ويٺو آهين؟"

مون ڪجهه به نه چيو "حجام پاڪي ڪڍي منهنجو مٿو گنجو ڪري ڇڏيو. تڏهن به مان مات ڪري ويٺو رهيس. حجام منهنجي اڌ ڏاڙهي ۽ هڪ مڇ به لاهي ڇڏي ليڪن مون پڙڪو به نه ڪڍيو. هاڻي حجام ٻڌڻ لڳو ته ڪٿي مون تي جادو نه ٿيو هجي. يڪدم پنهنجو سامان کڻي وٺي ڀڳو.

اڃا هو ٻاهر مس نڪتو جو منهنجي زال به آئي. هن جڏهن منهنجو هيڙو حال ڏٺو ته گهٻرائجي ويئي ۽ ٻڌندي چيائين "اڙي هي ڪهڙو تماشو بڻجي ويٺو آهين؟"

مون هڪدم خوشيءَ کان وٺي رڙ ڪئي:- پهرين تو ڳالهايو. انڪري تو کي ئي دروازو بند

ڪر ٺو پوندو. وڃ. وڃي دروازو بند ڪر."

منهنجي زال دروازو بند ڪري آئي ۽ چوڻ لڳي "مونکي اهو شرط ياد نه هو نه ته خدا جو قسم مرڻ ڏاءِ به مان دروازو بند نه ڪريان ها. چڱو. وري به ته جهوٽو ايندو نه."

ڪڙمي آڪاڻي ڪڏي بس ڪئي. اسان سڀني خوب کاليو.

هاڻي هڪ ٻُڍاڻي جو وارو هو. هن چيو "ننڍي آڪاڻي ٻڌائيندس. پر هوندي ڏاڍي مزيدار. سو سنڀالي ٻڌجو." ۽ هن هيءَ آڪاڻي ٻڌائي.

پٽر جو جواب پٽر

ڪيترن ڏينهن جي ڳالهه آهي. هڪڙو بادشاه اميرن ٿي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ کيس قيدخاني ۾ موڪلي ڏناءِ. هن جي آزاد ٿيڻ جو شرط هيءُ هو. "جيڪڏهن تون هڪڙو اهڙو گهوڙو ڏين جو نه ڪارو هجي نه اڇو، نه پورو هجي نه ڪُميت، نه مشڪي هجي نه خاڪي، نه ننڍو هجي نه وڏو، نه ڏاهو هجي نه سنهو، نه هلي نه روڪجي ته پوءِ مان توکي آزاد ڪري ٿو سگهان."

قيدي امير عرض ڪيو ”جهان پناه! مان انجاڻ ٿو ڪريان ته اهڙو گهوڙو ضرور حاضر ڪندس. ليڪن مونکي اهو گهوڙو آڻڻ لاءِ هڪڙو هوشيار سئيس گهرجي.“

بادشاه چيو ”ها، ها، توکي هڪڙو سئيس ملي ٿو سگهي مگر اُهو تو وٽ ڪڏهن اچي؟“

امير چيو ”نه سومر ڏينهن اچي، نه منگل ڏينهن؛ نه ٻڌر ڏينهن اچي نه وسپت ڏينهن؛ نه جمع ڏينهن اچي نه ڇنڇر ڏينهن ۽ نه آرتوار ڏينهن اچي. ان کان سواءِ ڪنهن به ڏينهن بادشاه ڪيس مون وٽ موڪلي ٿو سگهي.“

بادشاه امير جو اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شرمندو به. يڪدم ڪيس بنا شرط جي آزاد ڪياءِ.“

*    *    *    *

هاڻي منهنجو وارو هو آکاڻي ٻڌائڻ جو. انڪري مون يڪدم هيٺين آکاڻي شروع ڪئي:

## جيلي

هڪڙي بادشاه جي هڪڙي منڊي وڃائجي پيئي. هن سڄي شهر ۾ ڍنڍورو گهمايو ته جيڪڏهن ڪو نجومي هن جو پتو لڳائيندو ته

کيس انعام سان مالا مال ڪيو ويندو. هڪڙي غريب ڪڙميءَ جمال به اهو ڍنڍورو ٻڌو. پڙهڻ لکڻ نه کيس ايندو ڪونه هو. ليڪن سندس دماغ ۾ اهو خيال ويهي ويو هو ته هو نجومي آهي.

انڪري هو دربار ۾ حاضر ٿيو ۽ بادشاه جي خدمت ۾ عرض ڪيائين ”جهان پناهه! مان هڪڙو غريب نجومي آهيان. مون ٻڌو آهي ته حضور جي منڊي گم ٿي ويئي آهي. مان پنهنجي علم سان انهيءَ پتي لڳائڻ لاءِ توهان جي خدمت ۾ پنهنجو پاڻ پيش ٿو ڪريان!

بادشاه چيو ”تمام چڱو، جيڪڏهن تون ڪامياب ٿي وئين ته تون ڪهڙو انعام وٺندين؟“

جمال نجوميءَ جواب ڏنو ”حضور جيڪا توهان جي مرضي.“

بادشاه جي حڪم سان چوبدار کيس هڪڙي ڪمري ۾ وٺي ويو، جنهن ۾ صرف هڪڙو بسترو پيو هو. ميز تي هڪڙو ٿلهو ڪتاب کليو رکيو هو. ۽ ڪجهه ڪاغذ ۽ مس ڪپڙي به.

جمال وڏي ذات سان ميز جي اڳيان ويهي رهيو. ليڪن ڪتاب جا ورق ورائڻ کانسواءِ ٻيو

چا ڪري . جڏهن نوڪرهن لاءِ ڪاڌو ڪڻي ايندو هو تہ هنن جي مٿان رعب جمائڻ لاءِ ڪاغذ تي ڏنگيون ڦڏيون ليڪون ڪيندو هو. نوڪر ڪيس پنهنجي ڪم ۾ مگن ڏسي چپ چاپ بيهي رهندو هو ۽ هن سان نرمي سان هلندو هو ۽ " جناب نجومي صاحب " چئي سڏيندو هو. هاڻي اتفاق ڏسو تہ منجهي بہ انهن نوڪرن مان ڪنهن هڪ چورائي هئي . جمال بہ چالاڪ هو. هنکي شڪ جاڳيو ۽ هاڻي هو هميشہ انهن نوڪرن تي چوڪسي نظر رکندو هو ۽ هنن ڏانهن گهوري نهاريندو هو.

جڏهن جمال کي انهيءَ ڪمري ۾ بند ٿئي پورو هڪ مهنو ٿيو تہ هڪڙي ڏينهن سندس زال ڪيس گڏجڻ آئي. هيڏانهن هو ڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ بعد جمال چيو " هيئن ڪر. تون منهنجي پلنگ هيٺان لڪي ويهہ. جڏهن پهريون نوڪر داخل ٿئي تہ تون چئجانءِ هيءُ پهريون آهي" پوءِ ٻئي جي داخل ٿيڻ تي چئجانءِ " هي ٻيو آهي " ۽ اهڙي طرح اڳتي چوندي وڃج ."

عورت ائين ئي ڪيو. جڏهن پهريون نوڪر

داخل ٿيو ته هن چيو "هيءَ ڀهريون آهي."
۽ جڏهن ٻيو آيو ته چيائين "هي ٻيو آهي." ۽ اهڙي طرح هن وڏي آواز سان سيٺني نوڪرن کي ڳڻيو.

نوڪر جڏهن اهو آواز ٻڌو ته تمام ڏڪي ويا ۽ سڀ گڏجي سوچڻ لڳا ته هي آواز ڪهڙو آهي. انهن مان هڪڙي چيو "بس هاڻي اسين پڪڙباسون، جيڪڏهن نجوميءَ اسان جو نالو ظاهر ڪيو ته اسين ڪٿي جا نه رهنداسين."

ٻئي چيو "منهنجي خيال ۾ ته هاڻي ڪيس صاف صاف چئي ڇڏڻ گهرجي ته هي ڪم اسان جو آهي. اشرفين جي ٿيلهي ڪيس ماٺ ڪرائي ڇڏيندي. توهانجو ڪهڙو خيال آهي؟"

سيٺني کي اها تجويز پسند آئي. ان وقت ئي سيئي نجوميءَ وٽ پهتا ۽ سلام ڪرڻ لاءِ اهڙو ته جهڪيا جو سندن مٿا زمين کي ڇهڻ لڳا. هڪڙي چيو "جناب نجومي صاحب! اسانکي خبر آهي ته هاڻي توهان کان ڪابه ڳالهه لڪل نه آهي ۽ توهانکي منديءَ جي ڳالهه جي خبر پئجي چڪي آهي. اسين غريب ماڻهو آهيون ۽ اوهان کان رحم ٿا گهرون. توهين

بادشاه سان ان جو ذڪر نہ ڪجو نہ تہ اسين تباه ٿي ويندا سين، هي اسان جي طرف کان نذرانو قبول ڪريو."

جمال ٿيلهي ورتي ۽ چيائين "توهين فڪر نہ ڪريو. مان توهان کي هرگز دوکو نہ ڏيندس ليڪن هاڻي توهين هيئن ڪريو جو اها منڊي بادشاه سلامت جي بازکي کارائي ڇڏيو. ان کان پوءِ مان ڄاڻان ۽ منهنجو ڪم."

پوءِ ڏينهن جمال بادشاه سلامت وٽ ويو ۽ چيائين "حضور کي معلوم ٿيڻ گهرجي تہ غلام هڪڙي مهني جي ڪوشش بعد منڊيءَ جي پتي لڳائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

بادشاه چيو "ڪٿي آهي اها ۽ ڪنهن وٽ آهي؟"

جمال جواب ڏنو "توهان جي بازوٽ."

بادشاه حيران ٿي پڇيو "باز وٽ؟ اهو ڪيئن؟"

جمال جواب ڏنو "هن اُها کاڌي آهي."

بادشاه انهي وقت ئي بازجو پيٽ چيرايو تہ سندس خوشيءَ جي حد نہ رهي جڏهن ان مان

هڪڙي منڍي نڪتي. هن نجوميءَ کي گهڻوئي انعام ڏنو ۽ هڪڙي وڏي شاندار دعوت جو انتظام ڪيو.

دعوت جي ڏينهن جمال بادشاه جي بلڪل ويجهو ويٺو هو. طرح طرح جا کاڌا هئا جي جمال ڪڏهن خواب ۾ به نه ڏٺا هئا. بادشاه هڪ رڪابي ڪٽي جمال جي اڳيان رکي ۽ چيائين "جيڪڏهن تون نجومت جي مدد سان ٻڌائي وٺين ته هيءَ ڪهڙي شيءِ آهي ته پوءِ تنهنجو ڪمال مڃيندا سين."

جمال ڏاڍو پريشان ٿيو ته هي ويئي ويئي ڪهڙي اچي آفت پيئي. سوچيندي سوچيندي آهستي آهستي ڀڻ ڀڻ ڪرڻ لڳو "اڙي جيلي! (جمال کي سچو ڳوٺ جيلي به ڪري سڏيندو هو) تون ڇڪو ڦاٿين."

اتفاق سان بادشاه اهي اکر ٻڌي ورتا. خوش ٿي چيائين "شاباس! شاباس. تو سچائي ورتو. هيءَ جيلي آهي."

پيا ماڻهو به ان ڳالهه مان واقف نه هئا. سڀني ڳالهين وڄايون ۽ جمال کي دنيا ۾ سڀني کان

وڏو نجومي سمجھيو ويو.

هاڻي هڪڙي جاٽ جي آکاڻي ڪڍڻ جو وارو آيو. سينني چيو ته ڀائي ڪا سٺي ڳالهه ٻڌايو ته ڪو مزو اچي."

جاٽ چيو ته سٺي ڳالهه ته وڪٽان . ۽ پوءِ هن هيٺين آکاڻي ٻڌائي :-

## ڪڙمي ۽ گڏه

هڪڙي ڪڙميءَ وٽ هڪڙو گڏهه هوندو هو جو تمام چست ۽ چالاڪ هو. هڪڙي ڏينهن مارڪيٽ مان موٽي جڏهن هو ڇڪڙو گهر کڻي اچي رهيو هو ته رستي ۾ هڪڙو دوست گڏجي ويس جو پنهنجي ڪلهي تي ٻوڙ کڻي اچي رهيو هو.

ڪڙميءَ پڇيو "ڀائي ڇا تون به هن ئي رستي کان گهر وڃي رهيو آهين؟"

دوست جواب ڏنو "ها، مونکي به ڇڪڙي تي سوار ڪر ڇو ته منهنجو ٽنگون هلڻ کان اصل جواب ڏيئي چڪيون آهن."

اُن تي اُهو شخص به ڇڪڙي تي سوار ٿيو ليڪن هن ٻوڙ ڪلهن تان نه لاٿي. هنا به ان ۾ ڇتانا جي ڳرا هئڻ سبب سندس ڪمر کي چٻو

ڪري رهيا هئا.

ڪڙميءَ چيو "چا لاءِ هيءَ ڳوڻ نه رکندين؟"

دوست جواب ڏنو "رکي ته ڇڏيان ليڪن تنهنجو گڏهه بلڪل ٿڪل معلوم ٿو ٿئي. منهنجو پنهنجو بار به ڪو گهٽ نه آهي، جو ڪيس پٺاڻن کڻڻ جي تڪليف ڏيان. مان خود ئي ٿو کڻان."

ڪڙميءَ جواب ڏنو "اها تنهنجي مهرباني آهي جو تون ڪي هن بي زبان جو ايترو خيال آهي."

گڏهه اوچتو اوچتو هانڊي هانڊي روڪجي ويو، هينگون ڏيڻ لڳو.

ڪڙميءَ جو دوست چوڻ لڳو "ڪو مزو آيو اٿس جو هيتري قدر ٿو هينگون ڏئي."

گڏهه وري هلڻ شروع ڪيو پر بلڪل آهستي آهستي.

"تڪڙو هل ادا." چئي ڪڙميءَ سندس لغام زور سان ڇڪيو ليڪن ٿڪل جانور پنهنجي رفتار ۾ ڪا به تبديلي نه ڪئي. هاڻي ته ڪڙميءَ کي غصو لڳو چوڻ لڳو "ڪنهن جي مهربانيءَ جو بدلو هن طرح ڏبو آهي؟ هل، تڪڙو هل."

ليڪن گڏهہ تي ڪجهہ بہ اثر نہ ٿيو. هاٿي ڪڙميءَ کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي. پنهنجي دوست ڏانهن منهن ڪري چيائين "اهي پٽاٽا بہ لاهي گڏهہ مٿان رکہ. گڏهہ کي فالتو بار کڻڻو پوندو تہ پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندو. ؟

ڪڙميءَ جي دوست ڪلهن تان ڳوڻ لاهي کڻي ڇڪڙي ۾ رکي.

ان تي گڏهہ وڏي آواز سان هينگڻ شروع ڪيو.

ڪڙمي سوچڻ لڳو "آخر ڳالهہ ۾ ڇا آهي. ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي."

اها آڪاٺي ٻڌي اسين سڀ ڏاڍو کلياسين. ان وقت ڪڪڙن دس هنئي ۽ پوره ٿڌي جا آثار نظر آيا اسين آٿي هٿ منهن ڌوئڻ لڳاسون تہ جئن سج اڀرڻ کان اڳہ ئي سفر تي نڪرون.

هاسو - ايم - ڪرپالاڻي

## غلط فهمي

هڪڙي ڏينهن صبوح ساڻ اسانکي گهر جي پاسي ۾ گهٽيءَ جي موڙ وٽ هڪڙي ٻوڙ رکيل نظر آئي. ٻوڙ جو منهن نوڙيءَ سان ٻڌل هو. اچڻ وڃڻ وارن ڏنوءِ غور سان ڏسندا هليا ويا. آس پاس وارن به ڏنوءِ دل ۾ سوچيو "ڪا ڪم جي شيءِ رکڻ جي هيءَ جاءِ ته ناهي. ڪو نوڪريا مزور به ويجهو نه آهي جنهن آرام وٺڻ لاءِ رکي هجي پوءِ صبوح ساڻ هيءَ ٻوڙ ڪٿان آئي. جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ويو ماڻهن جو عجب وڌندو ويو.

هڪ پاڙيسريءَ مونکي چيو "خانصاحب! هي گهٽيءَ ۾ تو هان ڦٽو ڪيو آهي؟"

مون گهٽيءَ ۾ نهاريندي چيو "مستري! مون ته ڪجهه به ڦٽو نه ڪيو آهي.؟

چوڻ لڳو:- تو هان جي جاءِ جي پرسان گهٽيءَ

جي موڙ وٽ هڪڙي بند ٿيل ڳوڻ رکي آهي ۽ سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن ۾ ڇا آهي ۽ اها ڪنهن رکي آهي.“

ماڻهن هيٺ لهي آيس. پنج ڏهه گهڻيءَ جا ماڻهو ڪٺا ٿيا هئا. مان به انهن ۾ شامل ٿي ويس. اسانڪي ڏسي ايندڙ ويندڙ به لهڻ لڳا. هر ڪنهن کي اهوئي فڪر هو ته ڳوڻ ۾ ڇا آهي. هڪ ٻن وڏي ڳوڻ کي ڏوڪرهندي ته حيران ٿي ٿي ويا. ڳوڻ ۾ لاش پيل معلوم ٿيئن. پوءِ ڇا هو ، هرڪو شخص پنهنجو پنهنجو خيال ٻوڙائڻ لڳو. هڪڙو ماڻهو وڏي رستي تي بيٺل سپاهي کي ڪوٺي آيو. هن ڳوڻ کي هيٺ مٿي ڪيو ۽ جهاتي پائي ڏٺو ۽ ٿاڻي ۾ اطلاع ڏنو ته فلاڻي هنڌ هڪ ڳوڻ ٻڌل پيئي آهي. اُن کي جاچڻ بعد ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن ۾ ڪنهن جو لاش آهي.

ٿوري وقت کان پوءِ ٻي سپاهي پيا به پهتا ۽ گهٽيءَ جي موڙ وٽ ڪٽ وڇائي ويهي رهيا. هنن گهٽيءَ ۾ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ ٿاڻيدار جو انتظار ڪرڻ لڳا.

صمدونائي انهي گهٽيءَ ۾ رهندو هو ۽ صبوح

جو ڪٿي ٻاهر ويو هو. واپس آيو ته هن گهٽي جي موڙ تي پوليس جا سپاهي ڏٺا. هو اهي ڏسي گهٻرائجي ويو ۽ پنهنجي پير ٻوڙڻ لڳو. ان وقت ڪنهن چيو "هن رات زال کي سخت مار ڏني هئي. صمد ۽ سندس زال روز روز وڙهندا آهن." سيني سمجهيو ته هن ڪمبخت رات جو پنهنجي زال کي ماريو آهي ۽ هي انجو لاش آهي جو گوڻ ۾ ٻڌل آهي. يڪدم هڪ سپاهي ڊوڙيو ۽ صمد جي پٺ وٺڻ لڳو. صمد ٿلهو متارو بهادر جوان هو. سپاهي ڪيئن پڪڙي نه سگهيو. هو برابر هنجي پٺيان ڊوڙي رهيو هو ۽ ان سان گڏ سيٽيون به وڄائي رهيو هو.

وڏي چونڪ ۾ پهتا ته اسٽيشن ڪان ٽاڻيدار ۽ ٽي سپاهي پاڻ سان وٺي لاش جي تحقيقات ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو. هن هڪڙي متاري جوان پٺيان هڪڙي پنهنجي سپاهي کي پٺندو ڏٺو ۽ سيٽيءَ جو آواز ٻڌو ته هو به هنکي پڪڙڻ لاءِ وڌيو ۽ پوءِ "پڪريو پڪڙيو نه وڃي" جا آواز بلند ٿيڻ لڳا.

صمد گهٻرائجي هڪڙي گهٽيءَ ۾ لنگهي

ويو ۽ يڪدم هڪ گهر ۾ گهڙي ويو. ان سان گڏ پوليس جا سپاهي ٻه ويا. هاڻي ڪيس پنهنجي بچاءَ جي ڪابه صورت نظر نه آئي. هو ڏاڪڻ چڙهي ويو ۽ ٻيماڙ تان ٽپندو ڪڏ تي پهتو.

جاءِ جو مالڪ حيران هو ته يا خدا! هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي. هنن جي ڏسندي ڏسندي پوليس جا سپاهي به ڪڏ تي چڙهي ويا. محمود بنا سوچ سمجهه جي وٺي ڪڏ تان هيٺ ٽپ ڏنو ۽ زمين تي ڪرندئي ٿڌڪڻ لڳو. سندس ٽنگ ڀڄي پيئي هئي.

سپاهين ڪيس هڪڙي ڪٽ تي ليٽايو ۽ رڙيون واڪا ڪندا ڪيس گهر وٺي ويا.

هو ڏانهن گهٽي ۽ محلي ۾ وارا اچڻ وڃڻ وارا ڪيترا ماڻهو انتظار ۾ بيٺا هئا ته ڏوڻ ڪلي ته ڏسندا وڃون. هر ڪنهن کي وات ۾ اهائي ڳالهه هئي. سڄو محلو افسوس ڪري رهيو هو ته ڏسو ته هنن نامرادن جي روز روز جي ڪٽ پٽ ڪري ٻئي جڻا چٽ ٿيا. محمود زال کي ماريو ۽ سرڪار ڪيس ڦاسيءَ تي لٽڪائيندي.

ايتري ۾ ٺاڻيدار ۽ سپاهي محمود کي وٺي

اچي پهتا جو اُن وقت بيهوش پيو هو. ٽاٽيدار هڪڙي ماڻهوءَ کي ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙايو ته صمدوءَ کي هوش ۾ آڻڻ جي دوا ڪري ۽ پاڻ ٻن چئن محلي وارن جي شاهدي لکي ڳوٺ جو منهن کولايائين.

ڳوٺ جو منهن کليو ته پوليس وارا وائڙا ٿي ويا. ڳوٺ ۾ مٽل وڇڙي جو لاش هو جو ڪنهن شخص ان لاءِ اُتي رکيو هو ته ڪچري کڻڻ واري گاڏي اهو کڻي وڃي.

ايتري ۾ ڊاڪٽر به آيو. هن صمدوءَ کي هوش ۾ آڻڻ جي دوا پياري. ٿوري وقت کان پوءِ هن کي هوش آيو ته کانئس پڇيو ويو "ته تون چو پڳين؟ هن ڪنجهندي جواب ڏنو "رات جو اسان زال مڙس جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو هو. مونکي سخت غصو آيو هو ۽ مون کيس سخت مار ڏني. هوءَ ٻڪندي ٻڪندي پنهنجي پاءُ وٽ هلي ويئي ۽ ويندي چوندي ويئي ته ڏسج مونکي به پيءُ جي ڌيءُ نه چئج جي توکي ٽاٽيدار کان اهڙي مار نه کارايان جو عمر ياد ڪرين. مون

ڳوهان کي گهٽيءَ جي موڙ وٽ ويٺو ڏٺو ته سمجهيم ته هن ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪئي آهي ۽ سپاهي مونکي جهلڻ لاءِ اچي ويٺا آهن. انهيءَ ڪري مان خوف کان ڀڳس ۽ هيءَ سزا ملي."

ايتري ۾ سندس زال به پنهنجي پاءُ کي وٺي اچي اُتي پهتي جو پيڻ جي پاران پنهنجي پيڻوئي جي خبر وٺڻ آيو هو. مگر هتي هنجي حالت ڏٺائين ته سندس دل نرم ٿي ويئي. ۽ هن بي اختيار چئي ڏنو ته "جتي سچو ڏينهن گهبي ۽ ڪاڪل ٿئي ٿي اُتي هن قسم جون خراب آفتون نازل ٿين ٿيون. اُن وقت کان پوءِ زال مڙس جو جهيڙو هميشه لاءِ بند ٿي ويو.

## اشنان دان

هڪڙو شاهوڪار لالاجي ڏاڍو ڪنجوس هوندو هو. دنيا جي هر ڪا نعمت هنڪي ملي ٿي سگهي مگر هو مايا ميڙڻ جي ڌُن ۾ پيٽ پري به ماني نه کائيندو هو. سندس زال جي دل سٺي هئي. سندس دل ٿي چاهيو ته سٺو کائجي، سٺو پائجي ۽ غريبن محتاجن جي مدد ڪجي مگر لالاجيءَ جي اڳيان ڪجهه به نه چوندي هئي.

لالاجيءَ کي دنيا جي ڪابه شيءِ روپين کان وڌيڪ پياري نه هئي. هو ناڻي کي ڏسي ڦوليو نه سمائبو هو ۽ هنکي خوش رکڻ لاءِ اهو ئي خيال ڪافي هو ته هو شاهوڪار آهي اُن هوندي به کيس هڪڙي چنتا هوندي هئي جا کيس بي چين ڪندي هئي ۽ اها هيءَ هئي ته هنکان پوءِ سندس مال ۽ دولت جو مالڪ ڪير ٿيندو. کيس ڪو به اولاد نه هو.

کنهن مهاپرش لالاجيءَ کي چيو ته هردوار وڃ ۽ گنگا اشنان ڪري پربوءَ کي پرارٿنا ڪر. ديالو پربو ضرور تنهنجي آشا پوري ڪندو.

لالاجيءَ حساب ڪيو ته هردوار اچڻ وڃڻ ۾ ويهه ڏينهن لڳندا. تنهنڪري پنج آنا روز جو اٽو، اڌ آنو دال، اندازي مرچ مصالح؛ ٽن پيسن جو تيل ۽ پنج آنا روڪڙا زال کي ڏيئي پيرين پيادو هردوار روانو ٿيو. هو رستي جي ڌرمشالائن ۾ ٽڪندو، لنگر ۾ کائيندو؛ هردوار پهتو.

اُتي پهچي لالاجيءَ کي معلوم ٿيو ته اشنان گهاٽ تي چار آنه شيواداريءَ کي ڏيڻا پوندا آهن، ته سندس خون خشڪ ٿي ويو. سوچڻ لڳو ته ڪنهن نموني جيڪر اهي چار آنه بچائي سگهجن. آخر اهو خيال آيس ته ڏينهن جي پيڙ پيڙان ۾ مان سنان ڇو ڪريان؟ صبوح جو سويل اُٿبو ۽ سنان ڪري هڪ طرف وٺي وڃبو. نه ڪير ڏسندو ۽ نه پيسا ڏيڻا پوندا. گهاٽ جي ويجهوئي ويٺو رهيو ۽ رات جي انڌيري ۾ اشنان گهاٽ وٽ وڃي پهتو. اچان لنگوٽي ٻڌي پاڻي ۾ پير مس رکيائين ته هڪڙو شيوڪ اچي پهتو ۽ اشنان دان

گھرڻ لڳو.

لالاجيءَ جا حوصلا خطا ٿي ويا. ڏولي ۽ ڪڙتو سنڀاليائين ۽ ائين چئي هليو "لـ وٽ پائي مان سنان ئي نٿو ڪريان." ۽ اشنان گهاٽ ڪان پريان وڃي سنان ڪرڻ لڳو. شيوڪ اتي به اچي پهتو ۽ اشنان دان گهرڻ لڳو.

لالاجي چيو "انڪري ته مون اشنان گهاٽ تي سنان نه ڪيو، جيئن ڪجهه ڏيڻو نه پوي ۽ ڪون هتي به اچي نڪتين!"

شيوڪ چيو لالاجي! اشنان دان تہ ڏيڻو پوندو."

لالاجيءَ جواب ڏنو "نه پائي! مان تہ هڪڙو پيسو به نہ ڏيندس، اشنان دان ڏيڻو هجي ها تہ ڏينهن جو سنان ڪري موٽي نه وڃان ها."

شيوڪ چيو "ڪجهه به هجي. اشنان دان تہ ڏيڻو پوندو."؟

لالاجي "وٽ پائي، ڏسان ڪنهن ڪان ٿو وٺين ؟" چوندو ڊ رياهہ مان نڪتو ۽ ڏولي ڪڙتو سنڀالي هلڻ لڳو. شيوڪ سندس ڪڙتي کي جهليو. لالاجي گرم ٿي ويو ۽ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ

لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو ڏتي متي شيوڪ لالاجي جي خوب پوڄا ڪئي. مگر هو مها ڪنجوس هو. آزيون نيزاريون ته گهڻيئي تي ڪياءِ مگر پائلي ڪونه تي ڏناءِ.

آخر شيوڪ ڪڙلو لالاجيءَ کان ڦري اشنان گهاٽ تي آيو ۽ بي اختيار لالاجيءَ جي منهن مان نڪتو "ديالو ڀڳوان! منهنجي سهائتا ڪر.

ان وقت هڪڙو مهاپرش اچي هنجي اڳيان بيٺو ۽ چوڻ لڳو "پريوءَ جا ڀڳت! گهر جيڪي گهرڻو هجيئي."

لالاجي ڪڙلي جي فڪر ۾ هو. چوڻ لڳو مهاتما مونکي ڏوڪي ۽ ڪڙتو ملي."

مهاپرش چيو "اکيون بند ڪر." لالاجي اکيون بند ڪري ٿوري وقت کان پوءِ کوليون ته نئون ڪڙتو ڏناءِ ۽ مهاپرش غائب هو.

لالاجي هاٿي هٿ مهٽڻ لڳو ته مون ڏوڪي ڪڙلي جي بجاءِ پٽ چونه گهريو. مگر هاٿي پڇتائڻ مان ڇا ٿي سگهيو.

## چالاڪ مزور

چار بيوقوف ڪيڏاهن وڃي رهيا هئا. رستي ۾ هنن هڪڙو ماڻهو ڏٺو جو سيءَ سبب ڪرونڊڙو ٿيو سمهيو پيو هو.

هڪڙي چيو - کهڙي نہ مزي جي ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي.

ٻئي چيو - مسخرو آهي. ساهہ بند ڪري سمهيو آهي.

ٽئين چيو - هوشيار ٿي هلو. غافل ڏسي متان اسان جا پٽڪا نہ ڪڍي وڃي.

چوٿين چيو - اڙي هيءُ مري ويو آهي.

ان ڳالهين چيو ”هي ڪنہ وڏو غضب ٿيو. اسين هن جي خون ۾ پڪڙيا وينداسين.

ٻئي چيو - هلو نہ ڀڄي هلون.

ٽئين چيو - ڀڄي ڪيڏانهن هلنداسين. پوليس اسانکي ضرور پڪڙيندي.

چوٿون چوڻ لڳو "بھتر ائين آھي ته اسين ھنکي دفن ڪري ڇڏيون.

پھرين چيو - ڪواڇي ويو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟
ٻئي چيو - ھنکي ٻري جھنگل ۾ وٺي وڃون.
ٽئين چيو - ڪيئن؟

چوٿين چيو - ٻه ماڻھو ھنجا پير جھلين ۽ ٻه سندس ٻانھون. اھڙي طرح کڻي ھلنداسون.

سڀني چيو- ھيءَ سٺي صلاح آھي ۽ پوءِ ٽنگن ۽ ٻانھن کان جھلي کيس کڻي ھليا. ڪجھه ڏينھن چڙھي آيو ۽ ڪجھه پنڌ اھڙي طرح وٺي وڃڻ ڪري ۽ لوڏي سبب ٿوري وقت ۾ ھنکي ھوش اچڻ لڳو ۽ سندس منھن مان آ آ آ جو آواز نڪتو.

ھڪڙي پڇيو- اڙي ھيءَ ڪنھن جو آواز آھي.؟

ايتري ۾ ھن شخص کي ھوش آيو. ھن پڇيو "تو ھين ڪير آھيو ۽ مونکي ڪيڏانھن ٿا وٺي وڃو؟"

ٻئي گھبرائجي چيو "اڙي ھيءَ مردو ته

ڳالهائي ٿو."

هن شخص چيو "پائي! مان مئو نہ آهيان مان تہ جيئرو آهيان."

ٽئين چيو "ڀاجي ڪٿي جو! مري ويو آهي ليڪن ڳالهائڻ نٿو بند ڪري."

هن شخص چيو "پائرو مان سيءَ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويو هوس. مان مئو نہ آهيان توهان وانگر جيئرو آهيان."

چوٿين چيو "ڪمبخت جي بيب پائي تہ ڏسو. مرڻ بعد بہ دليلبازي کان باز نٿو اچي."

پهرين چيو "بيوقوف آهي نہ، ايترو بہ نٿو سمجهي تہ جيڪڏهن اسين ڪيس دفن نہ ڪنداسين تہ سڙيون ڪيس کائي وينديون."

سيني گڏجي چيو "ليڪن اسين تہ ڪيس دفن ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندا سين."

هن شخص جڏهين ڏٺو تہ هي بيوقوف مونکي جيئرو نہ ڇڏيندا تہ واڪو ڪري چياءِ :-

"پائرو! ڊوڙو مون توهان جو شڪار جهليو

آهي. هڪدم پڪڙيو جيئن هڏ مان ڪو ٻه
پچي نه وڃي.“

اهو ٻڌنديئي هذن چڏن ئي جا حوصلا خطا ٿي
ويا. ٻي اختيار چيائون ”هي مردو تمام چالاڪ
آهي. اسانکي هڪڙهن آفت ۾ ڦاسائڻ ٿو چاهي.“
۽ هڪدم ڪيس زمين تي ڦٽو ڪري ڀڄي
ويا.

هاسو — ايم - ڪ ڀالاڻي

جج - هان، ته چورن ٿنهنجي گهروارن کي ماري، سموري سامان کي آگ لڳائي ڇڏي؟
مدعي - ها سرڪار!
جج - مگر تون ته چوين ٿو ته نقصان ذرو به نه ٿيو.
مدعي - حضور، اهي سڀ سپني جون ڳالهيون آهن.

* * *

ماستر - ڪوئي ٻڌائي سگهندو ته اُماس جو چنڊ ڇو نه نڪرندو آهي؟
رام - (جلدي) جي ها! چاڪاڻ ته ان ڏينهن رات جو تمام ڏاڍو انڌيرو ٿي ويندو آهي. هٿ کي هٿ نه ڏسي سگهندو آهي.

* * *

پيءُ - پٽ، مون پنهنجي ٻڍاپي جو خيال ڪري هينئر شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي.
پٽ - ڪَرُئي ڏڪر ناهي بابا! اوهان جي سموري جوابداري مون چڱيءَ طرح سنڀالي آهي.

جهامن داس (مسافر)

هڪڙي سرسبز ٻهاڙ جي پرسان هڪڙو شينهن ۽ رڇ گڏ رهندا هئا. ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي دوستي هئي. هڪڙي ڏينهن هو ٻئي گڏجي شڪار ڪرڻ نڪتا. ٿورو پري ويا ته ڪين هڪڙو هاٿي گڏيو. ٻنهي گڏجي مٿس حملو ڪيو. شينهن جوش مان سندس مغز ڏاري وڌو. رڇ پنهنجي تيز چنبن سان سندس پيٽ ڦاڙي وڌو. هاٿي مري ويو.

تڏهن رڇ شينهن کي چيو ته "دوستا، وڌ هاٿي ٻه حصا ڪر." اهو ٻڌي شينهن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ اڌ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. چيائين "ڇا توکي خبر نه آهي ته شينهن جو حصو سڀني کان وڏيڪ ٿيندو آهي؟" اهو ٻڌي رڇ ناراض ٿي اُتان هليو ويو.

هڪڙي ڏينهن وري ٻئي جڻا شڪار تي نڪتا. هلندي هلندي اچي هڪ ڳوٺ وٽ نڪتا. رڇ شينهن کي ٻاهر ڇڏي پاڻ ڳوٺ ۾ هڪ ٽنگ گهٽيءَ ۾ گهڙي پيو. اُتي پهچي رڇ گرجڻ لڳو اهو ڏسي شينهن کي به جوش آيو ۽ زور سان گرجڻ لڳو. اهو ڏسي ڳوٺ جا آدمي هوشيار ٿي، لٺيون، لوڙهيون، ڪهاڙا، ڀالا وغيره کڻي ڊوڙندا آيا. ۽ ڏڪانوڪي ٿي ويئي. رڇ ته اڪي ڊوڙي هڪ درخت تي چڙهي ويو. ۽ شينهن کي چوندو ويو: "دوست پنهنجو وڏو حصو وٺ."

جهامن داس (مسافر)

## هنداڙي جو ملهہ

هڪڙو هنداڙن وارو تـسي هنداڙا کڻي بزار ۾ وڪڻڻ لاءِ نڪتو. ناڪي جي سپاهيءَ کيس روڪيو ۽ ڏمڪائي هڪ هنداڙو ورتوءِ ناڪي منشيءَ بہ کانئس ناڪي لي هڪڙو هنداڙو ڦريو. هي ويچارو غريب باقي هڪ هنداڙو کڻي روئندو پٽيندو اڳتي هليو. ان وقت سامهون هڪ بـگي اچي رهي هئي، جنهن ۾ مختياڪار صاحب ويٺل هـو. ان هنداڙي واري کي روئندو ڏسي بـگي بيهاري کانئس روئڻ جو سبب پڇيو. هن سمورو بيان ڪري ٻڌايو.

مختيارڪار صاحب کانئس هنداڙو ورتو ۽ کيس ساڻ ڪري ناڪي لـسي پهتو. پوليس واري ۽ ناڪي منشيءَ کان انجو سبب پڇيائين.؟

ناڪي منشيءَ جواب ڏنو: ”حضور، بندي لہ کانئس هنداڙو کسيو ڪونهي. بلڪ ائين چئي ورتو لہ جيتري ۾ ٻيا هنداڙا وڪڻين اوترا پئسا آءٌ بہ ڏيندس.“ چپراسيءَ بہ ساڳيوئي جواب ڏنو.

هنداڻي واري وڇڙ ئي جواب ڏنو: ”حضور، هي نسورو ڪوڙ ٿا ڳالهائن. هنن مونکان زبردستيءَ ڪسيا آهن.“

مختيارڪار صاحب ڪيس دٻائي چيو: ”زبان بند رک. منهنجو منشي يا چپراسي ڪوڙ ڪين ڳالهائيندا.“ پوءِ ناڪي منشيءَ کي چيائين: ”منشي، مون هي هنداڻو هن کان پندرهين رپئين ۾ خريد ڪيو آهي. سو اوهين به ڪيس ١٥-١٥ روپيه ڏيو.“

هينئر ته ناڪي منشيءَ ۽ چپراسيءَ جو رت سڪي ويو. زبان جاڙين سان لڳي وين. چيائون: ”حضور، سڀاڻي ڏينداسون. اڄ ته اسان وٽ ايترا روپيه ڪونهن.“

مختيارڪار صاحب ٢٥ روپيه ڪيي هنداڻي واري کي ڏنا، ۽ ناڪي منشيءَ ۽ پوليس واري کي چيائين ته: ”اوهين سڀاڻي ١٥-١٥ روپيه پهچائي وڃجو.“

جڏهن ناڪي منشي گهر پهتو ته سندس زال

اهو هنداڙو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ سندس ڏاڍي ساراهه ڪرڻ لڳي. منشي اچي بگڙيو. چيائين: ”رن، هينئر پگهار فقط ١٥ روپيه وڃي بچيا اٿيئي. اهو هنداڙو پندرهين رپئين جو آهي.“

پندرهن روپين جو هنداڙو ڏٺي هوءَ ويچاري سندس منهن ڏانهن ڏسندي رهجي ويئي.

جهامن داس (مسافر)